# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1990

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1990

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1990

# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1990

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1990

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1990

# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

[04 سيپٽمبر 1990]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي

عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1990 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ 27 آگسٽ 1990 کان لاڳو ٿيندو.

1979 سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 6 ۾، ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات ۽ وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"(5) ڪنهن بہ وقت ذيلي دفعہ (1) تحت اعتراض نہ ڪرڻ واري سرٽيفڪيٽ وٺڻ کانپوءِ پر عمارت جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن حڪومت مطمئن آهي تہ ڪنهن بہ ايراضيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي عمارت جي تعمير عوامي مفاد ۾ نہ آهي ۽ هن آرڊيننس، قاعدن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن جي ڪجهہ تضاد ۾ آهي تہ بنا نوٽيس جي سرٽيفڪيٽ معطل يا رد ڪري سگهي ٿي.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ ۾استعمال ٿيل اظهار "عمارت جي تڪميل" مطلب عمارت جي تڪميل هر صورت ۾ منظور ٿيل منصوبي موجب آهي ۽ جنهن سلسلي ۾ والار (Occupancy) سرٽيفڪيٽ جاري ٿي چڪو آهي.

(6) جتي ذيلي دفعہ (5) تحت ڪو حڪم جاري ڪيو

| | |
|---|---|
| | ويو آهي، تہ اٿارٽي طرفان معاملو حڪومت طرفان ڏنل هدايت موجب حل ڪيو ويندو. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**